# سنڌ آرڊيننس نمبر I مجريہ 1987

# SINDH ORDINANCE NO.I OF 1987

# سنڌ مڪاني حڪومت (ترميم) آرڊيننس، 1987

# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (AMENDMENT) ORDINANCE, 1987

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعہ 10 جي ذيلي دفعہ (2) جي ترميم

Amendment in sub_section (2) of section 10 of Sindh Ordinance XII of 1979

3. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII ۾ دفعہ 58_A جو اضافو

Insertion of section 58_A in Sindh Ordinance XII of 1979

# سنڌ آرڊيننس نمبر I مجريہ 1987

# SINDH ORDINANCE NO.I OF 1987

# سنڌ مڪاني حڪومت (ترميم) آرڊيننس، 1987

# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (AMENDMENT) ORDINANCE, 1987

[16 مارچ 1987]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو سيشن هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾، تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، اسلامي جمهوري پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) هيٺ مليل اختيارن کي استعمال ڪندي سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ مڪاني حڪومت (ترميم) آرڊيننس، 1987 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

commencement

1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعہ 10 جي ذيلي دفعہ (2) جي ترميم

Amendment in sub_section (2) of section 10 of Sindh Ordinance XII of 1979

2. سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ چاٽايل آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 10 ۾، ذيلي دفعہ (2) جي شرطيہ بيان ۾، آخر ۾ اينڊڙ فل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون شرطيہ بيان شامل ڪيو ويندو:

"بشرطيڪ دفعہ 58 ڪائونسل تحليل ٿيڻ تي ، اهڙي ڪائونسل جا ڪم سرانجام ڏيڻ لاءِ مقرر ڪيل شخص يا اختياري دفعہ 58_A تحت مقرر ڪيل مشاورتي ڪميٽي جو ڪو ميمبر مقرر ڪري سگهي ٿي يا جتي اهڙي ڪا ڪميٽي مقرر ڪيل نہ آهي، ٻيو ڪو شخص اختيار استعمال ڪندو ۽ هڪ يا هڪ کان وڌيڪ پنچائتن جي چيئرمين جا ڪم سرانجام ڏيندو.

بشرطيڪ اهو بہ تہ اقليتي برادري لاءِ پنچائت جو چيئرمين اقليتي برادري جو ميمبر هوندو.".

1979 جي سنڌ آرڊيننس XII ۾ دفعہ 58_A جو اضافو

Insertion of section 58_A in Sindh Ordinance XII of 1979

3. چاٽايل آرڊيننس ۾، دفعہ 58 کانپوءِ، هيٺيون نئون دفعہ شامل ڪيو ويندو:

(مشاورتي ڪميٽي)

"58_A. جتي ڪو شخص يا اختياري دفعہ 58 جي ذيلي دفعہ (2) تحت مقرر ڪئي وڃي، حڪومت اهڙن شخصن تي ٻڌل مشاورتي ڪميٽي مقرر ڪري سگهي ٿي، جيڪي اها اهڙي شخص يا اختياري جي مشاورت لاءِ مناسب سمجهي.

(2) مشاورتي ڪميٽي گهٽ کان گهٽ اهڙي طريقي گڏجاڻي ڪندي جيئن اهو شخص يا اختياري مناسب سمجهي.

(3) مشاورتي ڪميٽي جو هڪ ميمبر حڪومت جي مرضي

سان آفيس رکي سگهندو پر ڪنهن بہ وقت حڪومت کي لکت ۾ خط ذريعي ميمرشپ تان استعيفيٰ ڏئي سگهي ٿو.”.

**نوٽ:۔ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**